# زهر جي پڙي؟

منهنجي اسپتال ڪافي ننڍي آهي. شايد ماڻهو گهٽا ٿا اچن انڪري ننڍي ٿي لڳي. ڪيڏي نه آهي. منهنجي من کي وشو جو ورات درشن ڪرايو اٿس؟ عجيب شانتي پرجي رهي آهي منهنجي من جي اندر. لڳندو آهي، منهنجي هن ننڍڙي نڪر ۾ ساري ڪليائڻ ڪٿمپ نبض وانگي ڌڙڪاري.

ڪماريءَ منهنجي اسپتال ۾ قدم رکيو، ان مهل ٿي منهنجي نگاهه مٿس پيئي هئي، ۽ منهنجي آزمودي سيکاريو آهي ته ڊاڪٽر معمولي گونگو ٻوڙو ۽ نابين انسان! آهي ليٽي وصفون ڪڏهن حد ٿائين اسانکي پاڻ مڃهه آٽڪيون ٿي پون ٿيون. مان پنهنجن پين مريضن کي ڏسڻ ۾ مشغول هوس. ڪڏهن نه مريض کي اندر روم ۾ جاچ ڪرڻ لاءِ وٺي ٿي وڃاس ته ڪماريءَ جون نظرون منهنجي پٺيان هلي ٿي آيون. ۽ ٻاهر ٿي نڪتس ته پينڊولم وانگر ڪين موٽي ساڳيءَ جاءِ تي هليو وڃڻو ٿي پيو. ڪماري بينچ جي ڪنڊ ٿي ويٺي هئي، ڏاڍي پريشان - اکين ۾ آگ ۽ دک جو عجيب ميل. موڪي ٻک هئي ته هيٺڙ هيءَ ڇوڪري روئي وجهندي. انڪري هڪ

مريض کي جاچيندي چيم، "ڪماري توکي ڪهڙي تڪليف آهي ڇا؟" اُس پين ڊاڪٽرن ۽ مون ۾ اهوئي فرق آهي. هوءَ چپ کي چڪ هڻي، اکين جا ڳڙا ڳڙا چهرو مٿي ڪري ڪنڌ سان ها ها ڪرڻ لڳي. روڳن سندس ڇاتيءَ ۾ اثر هو. مان مريض کي دوا ڏيئي ڪماريءَ کي جاچ واريءَ ڪرسيءَ ۾ وٺي ويس. هوءَ لباس واري صندل تي چڙهندي ئي ڦڙڪي پيئي،
"زهر کپي، ڊاڪٽر."

"ڇو، ڇو؟" مون اهڙا ڪيس گهڻيئي ڏٺا آهن پر اهڙي ڪنهن جي دک جو گهٽ اندازو لڳائڻ منهنجي جيون مونکي نه سيکاريو آهي.

"ڪائي غلطي ٿي ويئي آهي توکان؟"

ڪماريءَ ڪنڌ سان 'ها' ڪئي.

"غلطيءَ کي سڌاري سگهجي ٿو، زهر سان ڇا ڪرڻو آهي؟"

"اهڙي پيءُ وٽ جنم وٺڻ جي جا مونکان غلطي ٿي آهي اها پيءُ کي زهر ڏيئي مارڻ کانسواءِ سڌاري نٿي سگهجي."

منهنجي همدرديءَ کي ڪنهن ٿڙ هنيو. هونءَ ته مونکي اڄڪلهه جي ڇوڪرين لاءِ وڏيون شڪايتون آهن ليڪن هي نه بلڪل ئي ساري سڀيتا سنسڪرتيءَ لئي چماٽ هئي. دل ۾ آيو هن ڇوڪريءَ کي اسپتال کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيان. ليڪن ڪري منهنجي سڀيتا جي

سنڀال نه ڪري ته مان ۽ منهنجي سيٺ ڀلجي وڃان؟ منهنجي منهن ۾ ڪا نئي ڪا گهرج نظر آيو هوندو. هن چيو، "ڪماري، ڪنهن ڊاڪٽر جي همدردي حاصل ڪرڻ معنيٰ اها ناهي ته انهيءَ اجوڳو فائدو وٺجي..."

هن منهنجا هٿ پڪڙي ورتا. "نه ڊاڪٽر، غلط نه سمجهو. پوري مهني جي لڳاتار سوچ ويچار کانپوءِ ئي هيءُ فيصلو ڪري سگهي آهيان."

"ڪيترو نه سٺو فيصلو ڪيو آهي تو! شاباس آهي، تنهنجي عقل تي. پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري... پر تنهنجي سمجهه بس اها..."

ڇوڪري وڃڻ وڃڻ تي وئي، "ڊاڪٽر هلو گهر، منهنجي ماءُ جي حالت نه ڏسو. ڪيئن ويچاريءَ کي ماريو اٿس. ڇا هڪ ڇٽي کي اختياري آهي ته بس ساري گهر کي تباهه ڪري ڇڏي."

واقعي هن عجيب گهرواريءَ ڇوڪريءَ جو گهر ڏسڻ لاءِ منهنجو روح ڪڇي پيو. پنهنجي مريضن کي اڌ مني ڪلاڪ ۾ ڏسي روانو ڪري، جڏهن واندو ٿيس، تڏهن ڏٺم ڪماريءَ کي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي ننڊ اچي وئي هئي. عجيب ڳالهه ڇٽي! ڪوئي ٻيءَ جي ڏون ۾ هٿ رکڻ جي تياري ڪندي به ننڊ ڪري سگهي ٿو؟ ڪهڙي قسم جو عجيب من آهي، هنن نوجوان نهيءَ وارن جو!

ليڪن مونکي ڇا ٿي ويو هو؟ مونکي لڳو ڄڻ ته ڏٻري ڏٻري مڌهجڻ لڳي ٿي ظاهر ٿيندو ٿو وڃي. ڪيمپ ۾ خون، چوريون، جهڳڙا، نئين ڳالهه نه ناهي، پر هڪ ڌيءُ پنهنجي پيءُ جي خون لاءِ سڌيري؟

ڪماري ڇرڪ ڀري اُٿي کڙي ٿي هئي. "هيلو ڊاڪٽر، بس اسانجي ٽرڳ جو نظارو هلي ڏسو. پوءِ خود ٿي چوندا ته هوڙيءَ حالت ۾ ازڪانسواءِ ٻي راهه ٿي ئي نٿي سگهي. اڇو هيٺئون ته مونکي اڪ لڳي وٺي ته سڀني ۾ ڏنم، هو مونکي ئي وٺو ماري."

"جي" ڪماريءَ جي منهن جا پاڙ جاچيندي چيم، "مگر ٺيڪ نه هجس ته ......"

"نه ڊاڪٽر، اها ڳالهه ناهي. مونکي ته لڳي ٿو هن قسم جا سڌوان سدا ماٺهو، باقاعدي چرين کان به وڌيڪ خطرناڪ آهن."

ڪيمپ اسانجي، هڪ ڳوٺ نه، هڪ وڏو گهر آهي. وستي تان هل ته گهٽين ٿي سان رام رام ڪرڻي پوي. ڪي ته اليڪي پٽ جهڙي ڳالهه کڻي چوندا، "ڊاڪٽر ڏسندا وڃو، بيمار ٿي پيو آهي."

"اڇا ٺيڪ" چئي جند ڇڏائڻي پوندي آهي. پنيان به چار ڳالهائڻ ته ملندا آهن. چي، "ڊاڪٽر جو مزاج ته ڏسو، انهيءَ ڪيمپ مان ٿي ناٺو ڪماپائين. اڄ سندس لوڏو

ڏو لڳو ٿي.” اِس منهنجي من کي مون ڪانسواءِ ڪونهو
ڇاٽي.

ڪماريءَ جو گهر. ٻروچي ٻن ڪمرن واري اڱڻ. هڪ ڪمري ۾ جنديءَ جي پاون واريءَ کٽ تي هو ويٺو هو، جڏهن پاسي ڪماريءَ، ڏيئي لسي ڪري ته “ڪئپيل ٺهيل” الاجي ڪهڙا ڪهڙا ان سهائيندا لفظ ڪم آڻيندا هئا. ڪالهه سياڻو ته مونهنجو آهي ٿي، پر هن جي “ڇو آيو آهي ڊاڪٽر؟ ڪڏهن گهرايس.” اڪرن ڪان پسوءِ ته مان ڪلي سگهيس ٿي، تڏهن لاهه منهنجي هن ٻارڪو اڪس ڌاڻ ٿيڻو، جڏهن اڪثر هيڙن شخص وٽ ٻه. ڪا ڏل ڏني آهي، مون ڏيوج سان چيم، “ڪاڪا، خوش ته آهيو” ۽ جنديءَ جي پاون کي هٿ لائي چيم، “ڪاڪا سنڌ جي سوڪڙن ڪسي کي اوهان جهڙا قدردان ٿي سائيڻ ٻن.”

“ٿيهنجي ڳالهه ڪٿي ٺيڪ نه هجي پر ڊاڪٽرن جو ڪم نه آهي ته ڪنون ۽ هڏ ويهي جاچين.”

مون من ۾ ڪليو. ڊاڪٽر آهي اِس مرض جي دوا اُن ڪان وڌيڪ هو ڇا ايندو آهي، سو مريض ٿو سوچين. مريض جو ليا. چيم، “ڊاڪٽر نه ماڻهو آهن، ڪاڪا.”

“ڪنهن ۾ ماڻهو! ڇڏ ڇرچا ڊاڪٽر،” هن وراڻيو.

“مولڪي ته ڪاڪا ماڻهو ٿي ٿا نظر اچن ۽ ڪاڏي دل وارا ماڻهو. انهين ته پوئا نه هڪ جاءِ تان ڇڏي ٻيءَ

جاءِ تي اچي ھڻ نہ ڪجھ، وقت تہ پيا لنڊا لمندا، جيسين ٻيءَ زمين ۾ نہ ڪا ٻاڙ ھٽي وڃن."

”ڪھڙي ٻاڙ ھٽندا سين. ڏٺو ھون ٻہ ڪاڄ. وڃي زور پڪڙيندو. ڇورا ھون ڏس تہ سوڙھيون سٿون ۽ سوڙھيون گھاگھريون پائي ڳچيون اگھاڙيون ڪري پيئون جواني ڏيکارين. ڇورا ڏس تہ ڍڳہ ڍڳہ ٿي سونا پيا چاڙھين. ھي آھي اسانجو جيئڻ! مھاتما جيئندو ھو، جوان ٻڍا ٻڙھي ڳوٺن ۾ سدارو ڪرڻ لاءِ وڃن. پر ٽون ٿي چئين، ڊاڪٽر ڪيو آھي ڪنھن ڪئمپ جو سدارو؟......"

مان ھي ليڪچر ٻڌي ٻس ھن ماڻھوءَ جي منھن ۾ نھاريندو ٿي رھجي ويس. ڪمري ۾ سندس ماءُ ڪمري جي دريءَ ٻاھران اٿيون ھيون. سندن منھن ڪوڙا ھئا. مون سوال ڀري نظر سان ڏانھن نھاريو. ٻنھي مونکي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ اشاري ۾ منٿ ٻئي ڪئي. ھن ”ڪئنڊل ھئنڊل" جي ليمپ اٿري صاف ھئي، جھڙو گنگاجل. پر مان اٿي جو ٻئي ڪمري ۾ ٿي ويس تہ ڪڙجي ويو. چوي، ”ڏسو ڊاڪٽر، توھانجو ڪم آھي ڊاڪٽري ڪرڻ، مرض ڇڏائڻ. ڪنھنجي گھر ۾ اچي سندس ڏيءَ ۽ زال سان ٻئي ڪمري ۾ وڃي ڳالھائڻ توھانجي شان جي ڳالھہ ناھي."

عجيب ڏنگ ھو. مونکي تہ اکر ٿي نہ ٻئي مليا، جن سان سمجھائي سگھانس تہ منھنجي نيت صاف آھي. مان تہ ڪيس ٿي اچانڪ آيو آھيان. مان مونجھاري

۾ ويٺو هوس، زمين ڏي نظر ڪري، جو هو صاحب
جاڪماٽي انداز ۾ چوڻ لڳو، ”توهانکي ڪجهه ته ڳالهائڻو
آهي ته مهنجي اڳيان ٿي ڳالهائي سگهو ٿا. ڪماري!
ڪنهنجي لاءِ ڊاڪٽر کي وٺي آئي آهين؟“

”اميءَ کي ڏيکارڻو هـو.“ ڪماريءَ ٿيڙيءَ سان
آلو ڏنو.

”وٺي اچيس اندر. مان ته ڏسان ته ڪهڙو مرض
اٿس.“

”ڪوئي مرض ڏسڻ ۾ ايندو اول!“ زال هٿ ڪٽي
جهيڙي لاءِ تيار ٿي بيٺي.

”هاڻي ڏسو ڏسو ڊاڪٽر! هي اٿو هِن جا افعال.
ملڪ ڪوله مٿيو ائون پر ماڻهو ٿي مٿي ويا آهن. زال
کي مرد سان ڪيئن پيش اچڻ کپي پيا ڏيءَ کي پيءُ
سان ڪيئن ڳالهائڻ کپي، بس ڪا شداس ته رهي اٿن.“

”تنهنجن ليڪچرن ته ساڙي رک ڪري رکيو آهي.
ڏسو وڃا ڊاڪٽر!“ چڱي ٺاري ٻـڌن واري هـيءَ
عورت ڏريءَ جي ٻاهران بيٺي چٽي رهي هئي.

”ڊاڪٽر، ٻهراٻن انهيءَ کي جاچي ڏسو. جيڪو ٿب
ٿب ٿي ٿو روڪي. ڪهڙا ٻابون ته جلندو، ڪاڏو ڪاٿون
ته بلڪندو. الاجي ڪهڙي ٻاهه جي اندر اٿس چاليءَ ٻرا!“

هي ڪماريءَ ڳالهايو، جنهنجي بدن تي ڪهڙا ائين
چمبڙيا پيا هئا، جڻ هاڻي سنان ڪري آئي هئي. مان
اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳس. هيءَ ساڳي ڪماري آهي، جا
اسپتال ۾ روئي رهي هئي!

